# لوسڻ- Alfalfa



## زمين:

هن فصل جي پوکيءَ لاءِ زرخيز لٽياسي زمين کان هلڪي زرخيز زمين جو قسم بهتر آهي. جنهن ۾ پاڻيءَ جي نيڪال وارو سرشتو بهتر آهي. لوسڻ جون پاڙون تمام هيٺ زمين ۾ وڃن ٿيون. ان ڪري لوسڻ ۾ سوڪهڙي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت آهي. جڏهن ته دوباري، بوسي يا خشڪ علائقن ۾ هلڪي ڪلر واريون زمينن ۾ لوسڻ ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجي ٿو.

## زمين جي تياري:

لوسڻ دائمي قسم جو فصل آهي. جيڪو بهتر حالتن سبب زمين تي 6 کان 7 سالن تائين موجود رهي ٿو. ان ڪري لوسڻ جي پوک لاءِ زمين جي تياري بهتر نموني ڪرڻ گهرجي. زمين کي 3 کان 4 اونها هر ڏئي، پر پيجي ان کي هموار ڪجي. گندگاهه جي ٻوٽن کي فصل پوکڻ کان اڳ ختم ڪيو وڃي.

## پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:

لوسڻ جو فصل 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر تائين پوکي سگهجي ٿو. پر آڪٽوبر جو مهينو سڀ کان بهتر آهي. هي فصل ناڙي ذريعي پوکڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته قطارن ۾ پوکيل فصل سائي گاهه ۽ ٻج جي پيداوار وڌيڪ ڏئي ٿو. ٻج ناڙي ڪرڻ وقت اهو خيال ڪجي ته جيئن ٻج ڏيڍ انچ کان وڌيڪ هيٺ نه وڃي. لوسڻ ڪرين تي به پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ ٻن ڪرين جي وچ ۾ مفاصلو ڏيڍ کان ٻه فٽ هجڻ گهرجي. جڏهن ته لوسڻ جو فصل آلي زمين ۾ ڇٽ ذريعي پوکي سگهجي ٿو.

## ٻج جو مقدار:

لوسڻ جي ناڙي ذريعي پوک لاءِ 5 کان 6 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. جڏهن ته ڇٽ ڪيڙ واري پوک لاءِ 8 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪيو وڃي.

## ڀاڻ ڏيڻ:

لوسڻ جي فصل مان وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ وٿاڻ جو ڳريل سڙيل ڀاڻ ڏيڻ ضروري آهي. جڏهن ته فصل پوکڻ وقت اڌ ٻوري ڊي اي پي يا هڪ ٻوري نائٽروفاس استعمال ڪجي.

## پاڻي ڏيڻ:

فصل ۾ پهريون پاڻي پوکيءَ جي ٻن ڏينهن اندر ڏجي. اونهاري ۾ 10 کان 15 ڏينهن ۽ سياري ۾ 15 کان 20 ڏينهن جي وقفي ۾ ڏجي.

## گندگاهه ۽ ڳُڏ ڪڍڻ:

لوسڻ جي شروعاتي واڌ واري مرحلي دوران گندگاهه جي ٻوٽن جي تڪڙي واڌ ٿئي ٿي. جيڪڏهن

ان عرصي دوران گندگاهہ کي ختم نہ ڪيو ويو تہ اهي لوسڻ کي نقصان ڏيندا. جنهنڪري پيداوار ۽ ان جي خاصيت متاثر ٿيندي. لوسڻ جي پوکيءَ بعد پهرين ٽن مهينن دوران ڪوڏر جي مدد سان گڏ ڪجي تہ جيئن فصل جي واڌ ۽ ڦوٽهڙو بهتر ٿئي.

## لوسڻ جي ٻج جي تياري:

لوسڻ جي ٻج جي تياري جي لاءِ بهتر موسم بهار آهي. جنهن ۾ فيبروري واري مهيني ۾ ڪٽائي بند ڪجي. لوسڻ جا ٻج اپريل مهيني ۾ پچي لاباري لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. عام طور فصل مان 5 کان 6 لوب وٺي سگهجن ٿا.

## پيداوار:

عام حالتن ۾ لوسڻ مان 400 کان 500 مڻ في ايڪڙ سائو گاهہ وٺي سگهجي ٿو. جڏهن تہ ٻج لاءِ پوکيل فصل مان بهتر حالتن ۾ 4 کان 8 مڻ في ايڪڙ ٻج يا 150 کان 350 ڪلوگرام ٻج في ايڪڙ وٺي سگهجي ٿو.